
هٽي

ادب، او، جو

# سهڻي

(ڪتابي سلسلو)

ڪتاب نمبر ۱۴

## شڪست جو آواز

آغا سليم

ترتيب ڏيندڙ

نسيم احمد ڪرل   طارق اشرف

قيمت : هڪ رپيو

سال لاءِ : ڏهه رپيا

اداره ادب، نو
ويسٽ ڪچا F/45-750،
حيدرآباد، سنڌ.

# ترتيب


پنهنجي طرفان ... ادارو

ڪهاڻيون ۷
۱- شڪست جو آواز — آغا سليم ۲۵
۲- محبت جي راهه تي — ع - ق - شيخ ۴۲
۳- ميريءَ چادر وارو ڇوڪرو — پکوان تلواڻي ۴۸
۴- اجنبي ۽ آءٌ — قاضي سليم ۵۹
۵- زندگي — قاضي سليم

شعر ۶۴
۱- نظم — اياز همايوني ۶۶
۲- نظم — اياز قادري ۶۷
۳- قطعا — ڊاڪٽر لڪميچند 'پريم' ۶۸
۴- آزاد نظم — گوورڌن ڀارتي ۷۰
۵- غزل — سيف بنوي ۷۴
حسين بخش خادم

هڪڙو شاعر ۱- تعارف، گيت، غزل، قطعا، — پروفيسر منگهارام ملڪاڻي ۷۷
سنڌي نثر جو ابتدائي دؤر ۸۸
مضمون — (ڪهاڻي) — حشو ڪيولراماڻي
آڳاٺو ادب ۱- نظم — هزهائينس مير علي نواز خان ۹۱
۲- هي به آ، هو به آ، (شعر) — بيدل فقير ۹۲
۳- انالڪو عشق، دوها (شعر) ۹۴
پڙهندڙن وٽان
تنقيد ۽ راءِ — پڙهندڙن جا خط


(سڀ حق ۽ واسطا محفوظ)


سول ايجنٽ: ادبيات، ۵- سول اسپتال روڊ، حيدرآباد، سنڌ.
ڪواج پبليڪيشن، ۴- گريٽ ويسٽرن بلڊنگ، اپالو اسٽريٽ
پارٽ ۲: بمبئي نمبر ۱، پارٽ.

ڇپائيندڙ: اداره ادب، لو، ڇپيندڙ: پاپولر پرنٽنگ پريس، گاڏي کاتو،
حيدرآباد سنڌ. ٽائيٽل: الجم پرنٽنگ پريس، چوڪي ڇاڙهي، حيدرآباد سنڌ.
۷/۱۹۶۷ع

تعداد ۲ هزار

شايع ٿي ويو

سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجي طرز جو پهريون ڪتابي سلسلو

# سارنگ

(ڊائجسٽ سيريز)

پهرين نمبر ۾ غلام علي عارباڏيءَ جو ويٽنام تي لکيل تاريخي مضمون.

انهيءَ کان علاوه ڪارٽون، مزاحيه ڪهاڻي، نفسياتي مضمون، دلچسپ ۽ عجيب معلومات، هڪ ڏينهن جي ڳالهه، لطيفا، شعر ۽ ٻه شاندار ڪهاڻيون.

عاشق حسين جو ٺاهيل شاندار چئن رنگن ۾ ٽائيٽل ڪور

قيمت: هڪ رپيو          سال لاءِ: ڏهه رپيا.

ادارهِ آوازِ ادب حيدرآباد، سنڌ.

---

# ضروري ڪونهي

— ته هر پڙهندڙ پنهنجي ادبي ذوق لاءِ سڀئي مخزن وٺي.
— ته هر ڪتاب اوهانجي ذوق تي پورو لهي.
— ته هر ڪتاب ۽ مخزن معياري هجي.

# پر

سهڻي ڪتابي سلسلو انهيءَ ڳالهه جي ضمانت ٿو ڏئي ته، انهيءَ سلسلي جو هر نمبر معياري هوندو، ۽ اوهانجي ذوق تي پورو لهندو. سٺو مواد سهڻي نموني پيش ڪرڻ لاءِ سهڻي ڪتابي سلسلي جو نالو ئي ڪافي آهي.

شڪست جو آواز
محبت جي راهه تي
ميريءَ چادر وارو هو
اجنبي ء آءٌ
زندگي

# ڪهاڻيون

آغا سليم
ع-ق-شيخ
ڀڳوان ٿلواڻي
قاضي سليم
قاضي سليم

*Now I can shave with a real good blade !*

SAQI . . . .





# DELIGHT

INDUS
BLADES



A delight for your face

D/9/65 SPOTLIT

قاضي سليم

# اجنبي ۽ آءٌ

"اوهان سان ملاقات ڪانپوءِ مون هڪ اندازو لڳايو آهي."

"الاهي ڪهڙو؟"

"اهوئي، تہ اوهان ليکڪ آهيو."

"اوهان ٺيڪ سمجهيو آهي."

"تہ ڇٻو، اوهان اديب آهيو."

"جي ها."

"هڪ ڳالهہ پڇانو؟"

"ڀلي."

"اوهان ترقي پسند ليکڪ آهيو؟"

"اوهالکي شايد غلط فهمي آهي تہ هرڪو ليکڪ ترقي پسند ٿيندو آهي."

"سچ پچ، اهو منهنجو عقيدو آهي."

"اوهانجو عقيدو غلط آهي."

"ڪيئن؟"

"هرڪو ليکڪ ترقي پسند ٿيندو آهي. هنجي هرڪا وک موٽ ڏاهن وڌلدي آهي، ۽ پوءِ اوهين ڪيئن ٿا چئو. — هڪ ٻي بہ ڳالهہ، هو من جي گهرائين سان لکندو آهي، ۽ ڪهڙي بہ انسان جو اندر ڦلوريندا، تہ رڳي اڇاڻ ڏسندا."

"اوهان منهنجو مطلب ڪولہ سمجهيو؟"

"آءٌ سمجهان ٿو اجنبي!"

"ڇا؟"

"اهو ئي تہ اوهان ڇا چوراڻ ٿا چاهيو، پر افسوس جو آءٌ اهو چوڻ لئو گهران."

"اوهانکي منهنجي ڳالهہ بري لڳي؟"

"نہ!"

"ڇو؟"

"موت کان ڪير اٿو بچي!"
"هيڏاهن ڏسو مولکي موت آڻي ڏيو."
"زندگيءَ کان مايوس آهيو!"
"ها، موت سان پيار اٿم."
"اڇا ڏٺو ڪونه اٿوَ نه."
"اوهان ڏٺو آهي؟"
"محسوس ڪيو اٿم."
"محسوس ڪرڻ سان ڇا ٿو ٿئي؛ محسوس ته انسان الاهجي زلدگيءَ ۾ ڇا ڇا ٿو ڪري."
"پر ڪي حقيقتون اهڙيون به آهن، جي فقط محسوس ٿيون ڪري سگهجن."
"اوهان ڪڏهن ڪا، اهڙي حقيقت محسوس ڪئي آهي؟"
"ها."
"ڪهڙي؟"
"موت"
"موت؟"
"ها، موت. زلدگيءَ جي آخري منزل جتي السان پنهنجيون مڙئي، آشاؤن چڪيا تي چاڙهيو وڃي"
"اوهان ڪنهنکي پنهنجيون آشاؤن ساڙيندي ڏٺو آهي؟"
"ها."
"ڪنهنکي؟"
"پنهنجيءَ زال کي."
"زال کي!"
"ها، منهنجي پنهنجيءَ زال کي."
"اوهان شادي ڪئي آهي؟"
" — هوءَ منهنجي زلدگيءَ جي سورن جي ساٿي هئي. هنجي هوندي مون ڪڏهن به پاڻکي اڪيلو ڪونه سمجهيو."
"اڪيلا ته اوهان هينئر به ڪونه آهيو!"
"اهو اوهانجو خيال آهي."
"آءٌ جو اوهان وٽ ويٺو آهيان!"
"منهنجي من جي گهرائين ۾ به؟ جواب ڏيو. پر اوهين ڇا چوندا. اوهين اديب آهيو. ڪهاڻيون لکندا آهيو. اوهانکي منهنجي ڪٿا گهرجي — ءِ —"

”۽ جي آءٌ چوان ته مون اوهانکي من جي گهرائين سان اپنايو آهي.“
”ته اهو اوهانجو خيال آهي. هتي ڪير ڪنهنجو ڪونهي. هي انسان آهي، سائين انسان، ۽ انسان نٿو ڀانئي ته ڪو ٻيو به مون جهڙو هجي!“
”سڀئي ته هڪجهڙا به ڪونه آهن؟“
”اڪثريت اهڙن جي آهي.“
”اوهانکي مولکان نفرت آهي؟“
”دل جي گهرائين سان محبت به ڪانه اٿم.“
”اوهين مولکي غير ٿا سمجهو!“
”مون زندگيءَ ۾ فقط پنهنجو پاڻکي اپنائيو آهي.“
”شايد من جي باهه اڃا دکيل اٿوَ!“
”اوهانجي من ۾ باهه نه پيئي ٻري؟“
”جي—!“
”ها، جواب ڏيو.“
”ها، پرينم پيئي، ۽ انهيءَ ۾ ڪامان ۽ سڙان پيو، اندر ٻري ٻاٽ ٿي ويو اٿم.“
”چو؟“
”چو—!“
”ها چو؟“
”منهنجا اجنبي دوست، مون زندگيءَ جي منزلن جي تمنا ڪئي هئي، پر افسوس — راهه گذر به ڳولهي نه سگهيس.“
”اوهه—!“
”خير ڇڏيو انهيءَ ڳالهه کي—! اوهانجي زال ڪٿي آهي؟“
”موت.“
”جي—!“
”ها دوست، مون توکي ٻڌايو نه — ته هوءَ مري ويئي آهي.“
”اوهه، — مونکي اوهان سان همدردي آهي.“
”همدردي؟ همدردي ته پراين سان ڪبي، آهي.“
”جي—!“
”پنهنجا ته اندر ۾ ئي سمائيل هوندا آهن.“
”اوهان بلڪل سچ ٿا چئو.“

”پوءِ مون سان همدردي ڏنا جتائيو؟“
”اهو ته منهنجو اخلاقي فرض آهي نه!“
”فرض—؟“
”ها— ڇو؟ اوهانکي برو ٿو لڳي!“
”نه.“
”ته پوءِ—؟“
”هيستائين ڪهڙا فرض انجام ڏنا اٿوَ؟“
”جي—، مون اوهانجو مطلب ڪونه سمجهيو.“
”ڪيترن فرضن ڪي فرض ڄاتو اٿوَ؟“
”...“
”اوهان مان ٿي ويا—! مون اوهانکان سوال پڇيو آهي.“
”...“
”خير ڇڏيو انهيءَ ڳالهه کي، ڪافي منگو هنيو اٿئون.“
”... ها.“
”ويٽر.“
”ڪافي، چانهه؟“
”ڪافي.“
”هاٽ، ڪولڊ؟“
”هاٽ.“
”ٻه، هاٽ ڪافي“
”يس سر.“
”الاهجي ڇا ٿي ڇيو— ها، منهنجي زال مري ويئي آهي. هنجي خواهش هئي ته آءٌ دنيا جو وڏو ماڻهو ٿيان—“
”جيتريقدر منهنجو خيال آهي اوهانجا خيال ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جا ئي آهن!“
”اوهانکي ڀل ٿي آهي، آءٌ هڪ غريب انسان آهيان. منهنجي آمدنيءَ مان آءٌ مشڪل سان گذارو ٿو ڪريان.“
”اوهانجو خيال آهي ته غريب انسان وڏو ماڻهو ٿي نٿو سگهي ڇا!“
”گهٽ ۾ گهٽ هن ماحول ۾ نه!“
”پر آءٌ ته اوهانکي عظيم انسان ٿو سمجهان!“
”اها اوهانجي ذرنوازي آهي — اجهو ڪافي، به اچي ويئي—
”...“

”اوهالڪي ڪافي پسند آهي؟“
”ها—“
”دل ۾ نہ ڪريو تہ هڪڙو سوال پڇالوَ!“
”پڇو—“
”ڇو وٺندي اٿوَ ؟“
”جي—!“
”منهنجو مطلب آهي هرويرو ڪافي ڇو پسند ڪندا آهيو. ڇو چاءِ نہ؟“
”ڪافي مولڪي وٺندي آهي، ۽ شايد آءٌ اهو پڌائي نہ سگهان تہ مولڪي ڪافي ڇو وٺندي آهي.“
”ڪافي بہ پيئندا هلو نہ، ٿڌي ٿي ويندي ته—!“
”آءٌ ٿڌي پيئندو آهيان.“
”پوءِ ڪولڊ ڇو نٿا لاهيو—!“
”نہ، آءٌ ڪوسي ڪي ٺاري پيئندو آهيان.“
”ماڻهو دلچسپ آهيو—“
”ڇو—؟“
”اهو تہ آءٌ خود بہ نٿو ڄاڻان. بهرحال اوهان سان ڳالهائيندي سڪون پيو اچيم—“
”مولڪي بہ —“
”واقعي—“
”سچ، مدت ڪاپوءِ اوهان جهڙي انسان سان مليو آهيان.“
”اڳي بہ ڪنهن سان مليا هئا ڇا؟“
”ها!“
”ڪنهن سان؟“
”هو بہ اوهانجي ئي ملڪ جو هو—“
”اڇا—“
”ها، هو بہ ائين ئي ڳالهيون ڪندو هو. اسان پاڻ ۾ ياري گنڍي. پر، هو هليو ويو!“
”ڪيڏانهن؟“
”هو مري ويو، ۽ هنجو موت منهنجي ڇاتيءَ تي ئي ٿيو هو، منهنجا اجنبي دوست—! مرڻ مهل هنجي اکين مان لڙڪ ڪريا ۽ منهنجي هنج ۾ لڪي ويا، هن چيو هو، ’دوستا اڄ تنهنجي

”منهنجو من ... منهنجي من ۾ ڏکندڙ باهه...“
”آءٌ انهيءَ باهه کي اجهائيندس.“
”منهنجي اندر ڪي نه ڦلور ٻڳلي .. هن ۾ مستل شعلا پيا ڀڙڪن.“
”آءٌ منجهن ٽپي پوندس...“
”تون جلي خاڪ ٿي وينديءَ.“
”منهنجي آتما امر ٿي ويندي...“

...

۽ مون ڏٺو ٻئي پاڇا ڳالهائيندي چپ ٿي ويا. هڪ پاڇو ٻئي جي هنج ۾ ڪري پيو. هڪ پريم جي پياسي کي پريت جو جام ملي ويو. هنجي اکين مان لڙڪ ڪري پيا. ڏک کان ان پريت جي لذت وڌي! مون ڏٺو. هو اٿيا ۽ هٿ هٿ ۾ ڏيئي هليا ويا. مون سوچيو: هي روپ، اصلي روپ، زندگيءَ ۽ پريم جو! ڪنهن مولکي ڏولڏاڙيو.

زندگي،
زندگي پريم جي ورڪا.

---

قاضي سليم هڪ نئون ڪهاڻيڪار آهي. سندس پهرين ڪهاڻي ’زندگي — هڪ ڪهاڻي‘ ٻه مهٽي ڪتابي سلسلي ۾ ڇپي هئي. قاضي سليم جي آئيندي ۾ اسالڪي وڏيون اميدون آهن. هن وقت سندس ٻه ڪهاڻيون ڏيئي رهيا آهيون. سندس انهن ٻن ڪهاڻين مان پڙهندڙ هنجي لاءِ راءِ قائم ڪري سگهن ٿا.

— ادارو

اعليٰ قيام

بهترين طعام

# تاج هوٽل

## حيدرآباد

تاج هوٽل ۾ رهي اوهان سڪون محسوس ڪندا

تاج هوٽل — جو فرنيچر آرامده آهي

تاج هوٽل — جو ماحول وڻندڙ آهي

تاج هوٽل اسٽيشن جي ڀرسان آهي، اوهان ڪيڏيءَ سهل ۾ اچي سگهو ٿا

فون نمبر 3691


---

# اُسرندڙ ليکڪن جو خاص پرچو

ساهت ڌارا مخزن (دهلي) جو، جولاءِ—آگسٽ ۱۹۶۷ع جو پرچو ٻٽو ٿي نڪرندو (اٽڪل هڪ سؤ صفحا). جنهن ۾ سڀ رچنائون هند ۾ سنڌ جي نون ۽ اسرندڙ اديبن جون شامل ٿينديون. رچنائن سان گڏوگڏ انهن اديبن جي مختصر واقفيت ۽ فوٽوگراف به ڏنا ويندا. اصلوڪيون ۽ اڻ ڇپيل رچنائون (شعر، ڪهاڻيون ۽ مضمون) مختصر ادبي واقفيت ۽ فوٽوگراف (پاسپورٽ سائيز ۾، گلاسي Glossy فوٽو پيپر تي) ۱۵ جولاءِ ۱۹۶۷ع تائين پهچڻ گهرجن. ٻيو ته ايل رچنائون ۳۱ آگسٽ تائين واپس ڪيون وينديون، جنهن ۾ ٽپال جون ٽڪليون اچڻ ضروري ڪولهن.

## ماهوار ساهت ڌارا مخزن

۸۳۷/۱۴، لوڌي روڊ، لٿين دهلي—۳، ڀارت.

نظم
نظم
قطعا
آزاد نظم
غزل

# شعر

نياز همايوني
اياز قادري
ڊاڪٽر لڪميچند پريم
گووردن ڀارتي
سيف ٻنوي

هڪڙو شاعر
خادم

نياز همايوني

# هي سنڌڙي هي سانگي

’اسان زندگيءَ کي آڳان ۾ کوهيو
انڌيرا جو آهيا تہ هشيار ٿياسين‘

الا منهنجي سنڌڙي جا هر دور ۾ پنهنجي مارئي جئان ٻي جي محڪوم آهي
لڏڪي لماڻي ٿي گهاري سدائين، ٿيل سيڻي حقن کان محروم آهي
ڏکيا ڏينهڙا منهنجي مارونڙن تي، سندن حال ڇورن جيان مظلوم آهي

جڏهن ٻي ڌتي کو لئون سج اڀريو تہ ڪرڻا ڪري اوت انڌير آيو
حياتيءَ جا حرف وسري ويا جڻ اولادهيءَ الدر لاالگ تي پير آيو
مرڻ وانگ ماڻهون ٿيا دربدر، حوصلا ويا تہ هر ڳالهہ ۾ ڦير آيو

هي سنڌڙي جا سرسبز آباد رهندي ٿي آئي بهشتن جي بازار وانگي
هي سسئيءَ جو ڀنڀور سهڻو ستابو هيو جو بهارن ۾ گلزار وانگي
حياتي جي مومل هتي آس جي ڪاڪ ۾ مست هئي جهڙ ۾ الار وانگي

هي سانگي جي پنهنجن ڀراون جي ڏک سک تي پنهنجي خوشيءَ کي اڃاور ڪندا هئا
محبت مان مرڪي ۽ گهر آئي مهمان جو مائٽن وانگ آدر ڪندا هئا
سپاجها ۽ سادا رهي سور سختيون سهي ٻي سچائيءَ تي باور ڪندا هئا

هي سنڌڙي هي سانگي اهي ڪين آهن تہ ٻي جڻ تہ ڪي ڇور آهن
نہ رواق نہ رمزون ائين ٿو سمجهي جڻ تہ ٻرپٽ جي پڙڀالگ ۾ ڍور آهن
هي هينءَ کولہ هئا پر الهيءَ جي ڪري ٿيا جو ظلم ۽ تشدد کان ڪمزور آهن

اياز قادري

# شاگردن سان خطاب

(رت ڀڏل هڪ واقعي کان متاثر ٿي)

اوهان سان ئي آ سنڌ جي زندگي
اوهان جوتِ انجي اوهين روشني
اوهان سان غم انجو، انجي خوشي
اوهان سنڌ جا سورهيه، اوهين سورما
اوهان جو وهيل رت اجايو نه ويندو.

اوهانجي وهيل رت سان گلزار ٿيندو
سڄي سنڌ ۾ جنهن سان هڪار ٿيندو
ستل جو اڃا آ، سو بيدار ٿيندو
اوهان سنڌ جا سورهيه اوهين سورما
اوهانجو وهيل رت اجايو نه ويندو

هي سر جيڪو آهي، سو ويٺو ئي آهي
جوانن جيان مرجي، جي مرڻو ئي آهي
اوهانجي اڳيان ڏاڍ جهڪڻو ئي آهي
اوهان سنڌ جا سورهيه، اوهين سورما
اوهانجو وهيل رت اجايو نه ويندو.

اچي ڏاڍ، ڏاڍائين سان اچي
مچي رڪ جو راڙو مچي پل مچي
ڏسون ڪيئن بچي ٿو، جي سالجهي مچي
اوهان سنڌ جا سورهيه. اوهين سورما
اوهانجو وهيل رت اجايو نه ويندو.

اوهانجي وهيل رت سان جا جوت جلندي
سوين طوفان ايندا پر روشن ئي رهندي
انڌارو نه رهندو، جتي آوة پوندي
اوهان سنڌ جا سورهيه، اوهين سورما
اوهانجو وهيل رت، اجايو نه ويندو.

اوهان ماڻن جو ڪيو منهن مٽي
وڏن جي وڏايو اوهان نام ڪي
’حشو‘ کي ٿي راحت اوهان سان رسي
اوهان سنڌ جا سورهيه. اوهين سورما
اوهانجو وهيل رت اجايو نه ويندو.

اڄ هانکي سڄي سنڌ ڪري ٿي سلام
اوهان ساڻ گڏ آهه سنڌ جو عوام
خوشي ۾ ۽ غم ۾ سدائين مدام
اوهان سنڌ جا سورهيه، اوهين سورما
اوهانجو وهيل رت، اجايو نه ويندو.

اوهانجي وهيل پاڪ رت جو قسم
ڪندو ڪين ڪي چپ 'اياز' جو قلم
نه ٿيندو ختم، سنڌ تان جي ستم
اوهان سنڌ جا سورهيه، اوهين سورما
اوهانجو وهيل رت اجايو نه ويندو.

---

## ڊاڪٽر لکميچند 'پريم'

# ساقي (قطعا)

(١)

جام ساقيءَ جي هٿن 'پريم' پيئاريو اهڙو،
ويو هٿن سان هليو هيءُ جسم، وئي جان به هلي.
ڪيئن قابوءَ ۾ رکي قلب ڪوئي اهڙي سمي!
بي خوديءَ ۾ به ڇڏي ڪيئن ڪو ساقيءَ جي گلي؟

(٢)

جام ساقيءَ جي هٿن 'پريم' پيئاريو اهڙو،
پاڻ کان پاڻ ويو هوش آڏامي هڪدم.
هوش ويو، جوش پيالا ڪنهنجي لاءِ ويهي جاڳي؟
هوش جي دليا سڄي ٿي ويئي درهم برهم.

(٣)

جام ساقيءَ جي هٿن 'پريم' پياريو اهڙو،
هوش لاءِ حيلو وسيلو سڄو بيسوُد رهيو.
سُرڪ هڪ ساڻ ٿيا زهد ـ عبادت ڪافور،
ڪوئي عابد نه رهيو ۽ نڪو معبوُد رهيو.

گوورڌن ڀارتي

# ٻهرين برسات بعد

زندگي —
جڻ صاف سُٿريءَ سليٽ تي
معصوم هٿن سان لکيل
هئي — الف، بي ۽ دال، ري ...

زندگي —
ڪوري ٻني تي
چست ڪٽلن جي ڪٽڪ جان
جوڙ، ڪٽ ۽ ضرب، وانڊ جون ڪجهه نشانيون،
الجبرا، آرٿميٽڪ جا ڪٽيل جهنگل
جڏيءَ جاميٽريءَ جي جسم ۾
ڪجهه گول انڊا ڪوءَ
چورس ۽ ٽڪنڊا سرد هاٿيءَ جا پراڻا حوض
۽
تاريخ جي ڪنهن ڪتاب ۾ دٻيل
ڪجهه لاش ماضيءَ جا
سوين سنسان کنڊهر
هر ٻني تي خون جا ڪجهه داغ
هوڏي حاڪمن جون ڪجهه سماڌيون، تربتون ۽ مقبرا!

زندگي —
آفيس جي ٿيلهن ٻنن تي ڊيرڪندڙ بيزار نظرون
ڍير فائيلن هيٺان
لنبيون آباسيون، لنڊ جا گهيرٽ، اٽاما ڪولگهرا،
دڙڪا ڏيون ڪنهن موڊ بگڙيل باس جون
۽ چند لوڻن لاءِ
هر هر چاپلوسي، جي حضوري ۽ خوشامد
برڪلي سگريٽ سان گڏ
چانهه جو اڌ ڪوپ رشوت (؟) طور
(ڇو جو ٻل چڪاسيندي تجي ٿو بورا!)

زندگي —
ڄڻ خشڪ ۽ ٻوڙهن ڇپن تي ٽهڪ لپسٽڪ جو
ڪٽل ڀڃل ڳلن تي روڄ پائوڊر
چٿيل ڇاتيءَ مٿان اِنگلش بريزيئر
پلاسٽڪ جي ٻرائي پرس ۾
لوڻ سان گڏ ڪجھ ريزڪي آدما، تمنائون
اڌوريون حسرتون، ارمان
۽ زوريءَ وساريل پيار جا ڪوتا سِڪا ساليڊيل!
هٿن ۾ پار ڪَلءِ فيڊرُ
اکين ۾ ڪجھ ڪٽل، اڌڙيل، رفو ٿيل خواب
سيني ۾ آيامي پوءِ سڙي ويل ڪير جي بدبو
چڪي يا چاڪري
چوڪو، ٽٽل چاھ ۽ ٺريل روٽي سدائين!

زندگي —
ڄڻ واڻڪو هٽُ،
ڪنهن پراڻي ڦٽ مٿان
ويڙهيل هٿين وانگر وهيوُن،
جن ۾ مرڻ پيا وياج اوڌر جا ڪيئن ڪيڙا،
قلم ڪن ۾
اکين تي ٻيڻوي عينڪ
ڏنڊ ۽ تيل جي داغن - لڳي ٻڪڙي،
اِئين - ڄڻ نالڳ ويٺو آهي پنهنجي ڦڻ ڦنڊائي!

زندگي —
گويا ٽٽل ڪوَرو
ٻنيءَ ۾ لوھ ڳڳھريل
برق جو شعلو
آتت ڄڻ جيٺ جي
آڪاڙ جيئن ٻوسات
هڻ وٺ، هل هلاچو ۽ مشيني شور
(هرڪو ٻور ٻيحد ٻور!)

اڄ عرصي پڄاڙا

مس ٽوسيو آ مينهن
آيو آهه سٺو ڏينهن، منهنجا ساٿيو!
اسڪول، ڪاليجز ڪرايو بند
سِڪ ساپ ڏيو آفيس ۾،
مَرڪي گهرو اڄ گهوٽ ڪان موڪل
دڪان ڪي هڻو تالا
ڪريو ناغو اوهين اڄ ڪارخاني مان؛
حياتي آهه هڻ وٺ
۽
اچو ڳڌجي اڄوڪو ڏينهن
گهرڪان ۽ اگر ڪان دور
ڪنهن پربت جي چوٽيءَ تي چڙهي
پڪنڪ ڪريون!...

---

## 'سيف' بنوي

# غزل

ڪيچ وڃين ٿي ڪنهنجي ڪاڻ.
کهڙي ٻنهون جي توکي ڪاڻ.
تون ٿي جنهنکي ڳولهڻ چاهين،
سا تون پنهنجو آهين پاڻ.
ڇوري ڇو ٿي ڇپر ڇلين!
ٻوري پنهنجو ٻاڻ سڃاڻ.
پنهنجا نازڪ نازڪ پير،
رڻ ۾ ڪرين ڇو رتوڇاڻ.
جوڀن اٺئي ڏينهن ٻه ٽي،
ڇانوَ ۾ ويهي موجون ماڻ.
کوليو تو لئه 'سيف' آ ٻاڪر،
آ ته ڪريون ڪا روح رهاڻ.

## حسين بخش 'خادم'

### غزل

وفا کي جيڪو نہ ڄاڻي انهيءَ سان پيار نہ ڪر،
اڃي نہ جيڪو سکي تنهنجو انتظار نہ ڪر.
انهي جي جور و جفا ۽ ستم نہ ياد ڏيار،
خدا جي واسطي اي دل تون بيقرار نہ ڪر.
اي دوست پنهنجي پرائي جي فرق کي بہ سڃاڻ،
دلين جي راز کي هر ڪنهن تي آشڪار نہ ڪر.
ڪٿي هو ظلم و ستم ۽ ڪٿي هي لطف و ڪرم،
انهن قرار ڏني دل کي بيقرار نہ ڪر.
هو بيوفا جي ليائي لٿو سندس مرضي،
پڇني تہ يار انهيءَ تي ڪڏهن ميار نہ ڪر.
تون رؤ انهجي اڳيان جيڪو توکي پرچائي،
جفا شعار جي دامن کي داغدار نہ ڪر.
انهيءَ سان پيار ڪجان جيڪو توسان پيار ڪري،
وفا کي سستو ڪري بيوفا سان پيار نہ ڪر.
زبان تي هڪڙي ۽ دل ۾ هجيس ٻي 'خادم'
خدا جي واسطي ان تي ڪو اعتبار نہ ڪر.

### قطعا

پيار اڄڪلهہ وڏو جرم آهي،
هن دنيا ۾ پيار ڪين ڪبو،
موت ڪان اڳ ئي مري وڃبو؛
موت جو انتظار ڪين ڪبو.

مون هر محفل ۾ توکي ياد ڪيو،
مون هر منزل ۾ توکي ياد ڪيو،
شبِ فراق هجي، غم ۽ تنهائي ۾؛
اکين ۾، آهن ۾، دل ۾ توکي ياد ڪيو.

سنڌي نثر جو ابتدائي دؤر

# مضمون

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي

اورينٽ ۾ رهو- اورينٽ ۾ کائو

حيدرآباد ۾ اوهان جي پنهنجي
بهترين مڪمل ايئرڪنڊيشنڊ

## هوٽل اورينٽ

معياري رهائش، عمده، لذيذ ۽ صحت بخش
کاڌن جي لحاظ کان دنيا جي ممتاز
شخصيتن کان خراج حاصل ڪيو آهي

---

ڪپڙي جي پاڪستاني مصنوعات ۾ هڪ اهم نالو

## سلور ڪاٽن ملز

مضبوط ۽ نفيس ڪپڙن لاءِ سلور ڪاٽن ملز جو ڪپڙو پنهنجو مٽ پاڻ آهي

سهڻن رنگن ۾ پرنٽ پاپلين

سُٽ ٣٢/S، ٤٠/S

ڪپڙو خريد ڪرڻ وقت اسانجو ٽريڊ مارڪ ڏسو
۽ سلور ڪاٽن ملز جي ڪپڙي وٺڻ لاءِ اصرار ڪريو

پدم (ڪهاڻي)
هي ٻه آ - هو ٻه آ (شعر)
بيدل فقير جو ڪلام (شعر)

# آڳاٽو ادب

حشو ڪيولراماڻي
مير علي نواز خان
بيدل فقير

هوءَ ڪٽ تي بيھوش پيئي هئي. ڪيس لولڊڙيءَ ڏاڍو ڏک لڳل هو ۽ هوءَ اڃا سرجيت ڪال تي هئي. ڊاڪٽر بلڪل گنڀير ٿي ڏنو پر مائٽن کي آٿت ڏيڻ ۾ وسان ڪين گھٽايائين.

اوچتو پدما هنڌ تي ليٽي پيئي ۽ آهستي آهستي اکيون کوليائين ۽ سندس اظر مون تي پيئي. سندس نگاهه ۾ ماڳي مشڪراهٽ ظاهر هئي. ماڳئي توتلي زبان ۾ هن ڪي لفظ ڪڇيا. مون پنهنجا ڪن سريلا ڪيا. مون پڇيو مانس "منهنجي مٺڙي پدم، ڇا ڪهيئي؟"

پدما وري ڪجهه ٻوليو مون سمجهيو .. منهنجي بهادر پدما چيو، "دادا هندستان آجاد!"

بيشڪ پدما! تو جهڙين ٻي ڏاين، لاڏاڻي ٻارن سان هندستان ڪيئن نه آزاد ٿيندو؟ مادر وطن جي گرڀ مان اهڙا لنيڊڙا ٻار لڪرن ته ڪيس ڪير زنجيرن ۾ جڪڙي رکندو؟

(هن ڪهاڻي موڪلڻ لاءِ اسين جناب حشو ڪيولراماڻي صاحب جا شڪرگذار آهيون. پر حشو صاحب اهو نه لکيو آهي ته ورهاڱي کان اڳ اها ڪهاڻي ڪهڙي سنه ۾، ڪٿي ڇپي.)

— ادارو

---

— ٻي الت طاقت، بيحد دولت ۽ تعداد جي گهڻائي ڪڏهن به سچ ۽ حق کي شڪست لتيون ڏئي سگهن، الهيءَ ڪري ٻي ڊپ ٿي ۽ لتوجن جي پرواهه ڪرڻ کانسواءِ هميشه پنهنجي جائز حقن لاءِ جدوجهد ڪجي.

— غلامعلي عارپاڻي

## مرحوم هزهائينس مير علي نوازخان (ناز)

# هي بہ آ، هو بہ آ

١— تنهنجي رمز سمجهڻ مان چا سمجهان، آسان بہ آ دشوار بہ آ.
تنهنجي واعدي تي اعتبار ڪهڙو، اقرار بہ آ انڪار بہ آ.

٢— تون دور رهين بي نياز مولا، سڻ فريادي‌ءَ جو آواز مولا.
هن بي گناهہ جي مارڻ لاءِ، گڏ تير بہ آ تلوار بہ آ.

٣— هن بي وفا دنيا ۾ رهڻ، آ درد مصيبت غم جو سهڻ،
ناهي تو کا سواءِ ڪو منهنجو خدا، آرام بہ آ، آزار بہ آ،

٤— جتي حسن تجلي نور ڏسان، هر سرو ۽ قمري مخمور ڏسان.
سڻ بلبل جي فرياد مٺا، جتي گل بہ آ، اتي خار بہ آ.

٥— دولت و زر جي پاس نہ آهي، پڻ مهر وفا جي پاس نہ آهي،
هن ساري جهان ۾ 'ناز' غريب، زردار بہ آ، نادار بہ آ.

— ماهوار سنڌو مخزن،
جون، ١٩٣٨ع

(هن شعر اتارڻ لاءِ ادارو، جناب عبدالفتاح 'عبد'
ايڊيٽر اخبارِ تعليم جو شڪر گذار آهي.)

## پيل فقير

# (١) اڻانگو عشق

اڻانگو عشق آ اوکو — هزارين مرد ماري ٿو.

(١) ڏيئي منصور جيان مستي — پياري جام ٿو دستي،
وساڻي دل سندي وستي — سٽي جندڙي جياري ٿو.

(٢) اوان ايشان ٿو کوڙي — جاين اچي جيء ۾ جوڙي،
خوديء جا خيال ٿو ٽوڙي — جڏهن منهڙو ڏيکاري ٿو.

(٣) لائي محبت سنديون موڪان — وڃائي غير ڏيئي چوڪان،
ٻڌائي جيء اندر جهوڪان — سبق سورن سيکاري ٿو.

(٤) پيل لنؤ عشق اچي لائي — ٻائي ووڙ ٻار ڪا جهاني،
اندر ٻاهر ذڪر ذاتي — تن من ۾ تنواري ٿو.

# (٢) دوها (جوڳين بابت)

جي ياڻين جوڳي ٿيان — ته صحي پاڻ سڏار
آئيون آب اکين سون — جر جهجهو تون هار
ڪن اکيون ڦاٿو ڪري — ڪاڏهن ڪين لهار
ڪيچ اچ ڪنهن سان — ڪين ڪي گولوٿي گذار
ته دوساڻي دربار — داد لهين تون دل تي

— ماهوار سنڌو مخزن، مئي ١٩٤٠ع

پڙهندڙن جا خط

# تنقيد ۽ راءِ

پڙهندڙن وٽان

